# عوامي حڪومت جون عوامي خدمتون

صاحب خان پنهور

چونديل حڪومتن ۽ خاص طور پيپلز پارٽي جي عوامي حڪومتن هميشه پاڪستان ۾ عوام جي سياسي، سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ انقلابي قدم کنيا آهن پوءِ ملڪ ۾ اهو دور قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو هجي يا قائدِ جمهوريت شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو هجي، انهن عوام جي خوشحالي ۽ ڀلائي لاءِ نه وساري سگهندڙ خدمت ڪئي آهي. هاڻي جڏهن ته ملڪ جي موجوده عوامي جمهوري دور ۾ صدرِ پاڪستان آصف علي زرداري ۽ وزير اعظم محترم سيد يوسف رضا گيلاني شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي مفاهمتي ۽ رواداري جي پاليسي اختيار ڪندي عوام جي فلاح و بهبود لاءِ رات ڏينهن ڪوشان آهن. جڏهن ته موجوده حڪومت پنهجي قائد جي سياسي بصيرت بدولت ڪاميابي سان ٻه سال پورا ڪري چڪي آهي انهن ٻن سالن ۾ موجوده حڪومت رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ عوام جي خدمت ڪندي معاشي ترقي ، تعليم ، صحت ۽ سماجي ڀلائي جي حوالي سان ڪين لاتعداد موقعا ۽ سهولتون فراهم ڪيون آهن.

جڏهن ته جمهوري دور جي ٻن سالن جي ڪاميابي سان پوري ٿيڻ تي سنڌ صوبي ۾ عوام جي خوشحالي ۽ معاشي ترقي جو تاج سنڌ جي وڏي وزير سنڌ سيد قائم علي شاهه جيلاني جي سر تي سونهي ٿو. وزير اعلىٰ سنڌ ڪراچي کان ڪشمور تائين ۽ ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين عوام جي خوشحالي ۽ معاشي ترقي جي حوالي سان ملڪ جي ڊگهي عرصي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مسلسل جدو جهد جي نتيجي ۾ گڏيل مالياتي (اين ايف سي) ايوارڊ گهڻ رخي فارمولي تحت منظور ڪرائي تاريخ ۾ سنڌ کي معاشي خودمختياري ڏيارڻ ڏانهن پهريون قدم کنيو آهي. وڏي وزير صوبي جي معاشي حقن جي حاصلات لاءِ ذاتي دلچسپي رکندي ناٽي ڪاتي جو صوبائي قلمدان پنهنجي سر پاڻ کڻي ميدان ۾ نڪري ڀرپور جدوجهد ڪندي، صوبي کي ساليانو 70 ارب کان وڌيڪ مالي فائدو رسائڻ جي ڪاميابي حاصل ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ صوبي اندر عوام کي معاشي ترقي ۽ روزگار جا هزارين موقعا مليا آهن ۽ وڌيڪ ٻيا موقعا پڻ ملندا. انهي ڪانسواءِ موجوده سنڌ حڪومت سڄي صوبي اندار آمد و رفت ۽ مواصلات جي ذريعن کي بهتر بنائڻ لاءِ روڊن ۽ رستن جي ڄار وڇائي رهي آهي ۽ صوبي جي مختلف شهرن کي ڳنڍڻ لاءِ سنڌو درياهه تي لاڙڪاڻو- خيرپور پل جي ڪاميابي کانپوءِ صوبي جي ٻين جاين تي پڻ پُلن جي تعمير جو ڪم عمل ۾ آندو پيو وڃي ته جيئن صوبي اندر سنڌو جي ٻنهي پاسن کان واقع شهرن ۾ آباد ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ ٿيڻ سان گڏو گڏ صوبي جي عوام کي معاشي سرگرميون ڪرڻ ۾ پڻ سهولتون حاصل ٿي سگهن.

جڏهن ته موجوده سنڌ حڪومت روزگار جي فراهمي، صحت ۽ تعليم جي بهتري لاءِ اربين روپيا خرچ ڪري رهي آهي.عوام کي ئي سياست جو سرچشمو سمجهندڙ عظيم عوامي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عوامي وچن **"اٽي لٽي ۽ اجهي"** کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جنوري8، 2010 تي خيرپور ۾ سچل سرمست گورنمينٽ لائبريري جي نئين بلڊنگ جي افتتاحي تقريب ۾ تقرير ڪندي چيو ته "حڪومت پاران صوبي جي 5 لک گهرن جي انڪم سپورٽ پروگرام تحت مالي سهائتا ڪئي ويندي ، غريب ماڻهن کي 10 هزار گهرن جي فراهمي لاءِ 2 ارب روپيه رکيا ويا آهن ۽ غريب عورتن ۾ مفت زرعي زمين پڻ ورهائي پئي وڃي." ان سلسلي ۾ فيبروري 14، 2010 تي بدين ۾ سنڌ جي وڏي وزير قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا سان گڏ 300 گهرن تي ٻڌل **"پيڻ بينظير سستي بستي"** منصوبي جي افتتاح ڪري چڪو آهي جڏهن ته ان حوالي سان ٺٽي ۽ ڪيٽي بندر جي علائقي ۾ پڻ غريب ماڻهن کي ڪيترائي گهر ڏنا ويا آهن.

موجوده صوبائي حڪومت صوبي مان بيروزگاري ۽ غربت کي گهٽائڻ لاءِ اٿرائتا قدم کڻي رهي آهي انهي سلسلي صوبي جي 50 هزار کان وڌيڪ بيروزگارن کي اهليت ۽ قابليت جي بنياد تي صوبي جي مختلف کاتن ۾ نوڪريون ڏنيون ويون آهن جڏهن ته 40 هزار کان وڌيڪ بيروزگار نوجوانن کي 4 کان 7 هزار معاوضي سان گڏ شهيد بينظير ڀٽو يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام تحت مختلف واسطيدار کاتن ۾ جديد تربيتي ڪورس ڪرائي روزگار لائق بڻايو آهي. انهي ڪانسواءِ صوبي اندر تعليم جي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ مختلف جديد تعليمي ادارا جن ۾ لاڙڪاڻي ۽ لياري جي عوام

لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، خيرپور ۾ مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۽ صوبي اندر ٻين ڪيترن ئي تعليمي ادارن سان گڏو گڏ جديد سهولتن سان لائبريرين جو قيام عمل ۾ آندو پيو وڃي، نه صرف تعليم جي بهتري پر صوبي عوام جي صحت جو خاص خيال رکندي ڪين صحت جي جديد سهولتن جي فراهمي جي حوالي سان موجوده سنڌ حڪومت پاران ڪروڙن روپين جي لاڳت سان صوبي اندر چئن جديد اسپتالن جي قيام کان علاوه مختلف بيمارين جي بچاءُ ۽ حفاظتي اقدامن تي ڪروڙين روپيه خرچ ڪيا پيا وڃن جنهن ۾ صرف هيپا ٽائيٽس بي ۽ سي جي بچاءُ ۽ علاج خاطر 270 ڪروڙ روپيه خرچ ڪيا پيا وڃن.

### خيرپور ضلعي جي عوام جي ترقي لاءِ سنڌ حڪومت پاران خصوصي پئڪيج:

موجوده سنڌ حڪومت پاران صوبي جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي سرواڻي ۾ جتي سڄي سنڌ جي عوام جي خوشحالي لاءِ رات ڏينهن خدمت ڪري رهي آهي. اتي سندس آبائي ضلعي خيرپور ميرس جي عوام جي فلاح و بهبود لاءِ پڻ انقلابي قدم کنيا آهن. خيرپور ضلعو جيڪو تاريخي ، جاگرافيائي ، سياسي ، سماجي ، علمي ، ادبي ، معاشي ، ثقافتي، ۽ ٻين ڪيترن ئي حوالن سان نه صرف صوبي پر پوري ملڪ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو ۽ هن وقت خيرپور ضلعو جاگرافيائي لحاظ کان ڪراچي شهر کانپوءِ صوبي جو وڏي ۾ وڏو ضلعو آهي. موجوده سنڌ حڪومت پاران ضلعي اندر ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر محمد عباس بلوچ جي نگراني ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن. سنڌ جي وڏي وزير پنهنجي آبائي ضلعي جي ترقي لاءِ خاص توجهه ڏيندي شهر جي مختلف ترقياتي ڪمن لاءِ تقريبن" 54 ڪروڙ روپين جو خصوصي پئڪيج " ڏنو آهي جن ۾ ٻارهن اسڪيمون شامل آهن جن جو سنگ بنياد وزير اعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهه پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان رکي چڪو آهي جڏهن ته تمام اسڪيمن جو تعميراتي ڪم تيزي سان هلي رهيو آهي جن مان ڪجهه اسڪيمن جو ڪم مڪمل ٿيڻ وارو آهي.

### خيرپور جي لاءِ وڏي وزير پاران ڏنل خصوصي پئيڪيج جي تفصيل هن ريت آهي:

- 19 ڪروڙ 15 لک 93 هزار روپين جي لاڳت سان شهر اندر مکيه مختلف چئن روڊن جي مرمت ۽ نئين سر تعمير
- 6 ڪروڙ 3 لک 4 هزار روپين جي لاڳت سان وچ شهر ۾ ڪاروبار کي ترقي وٺرائڻ لاءِ سيد رمضان علي شاهه ٽريڊ سينٽر
- 8 ڪروڙ 70 لک 40 هزار روپين جي لاڳت سان پراڻو ايس آر ٽي سي بس اسٽاپ وٽ جديد بس ٽرمينل جي تعمير
- 7 ڪروڙ 96 لک 44 هزار روپين جي لاڳت سان شهر اندر جديد جيم خاني ۽ ڪميونٽي هال جي تعمير
- 5 ڪروڙ 35 لک 31 هزار روپين جي لاڳت سان خيرپور جي عوام جي تفريح لاءِ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ جي تعمير
- 4 ڪروڙ 46 لک 88 هزار روپين جي لاڳت سان پرڳڙي ريگيوليٽر وٽ بلاول ڀٽو زرداري پارڪ جي تعمير
- 87 لک 65 هزار روپين جي لاڳت سان خيرپور شهر ۽ لقمان محلي ۾ جانورن جي لاءِ پن ڪوس گهرن جي تعمير
- ۽ هڪ ڪروڙ 79 لک 36 هزار روپين جي لاڳت سان ڪوٽ ڏجي جي عوام جي تفريح ۽ آمد رفت جي سهولت لاءِ پبلڪ پارڪ جو قيام پڻ شامل آهي.

خيرپو شهر جي عوام لاءِ 54 ڪروڙ روپين جي خصوصي ترقياتي پئڪيج کانسواءِ وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جون ضلعي جي عوام جي خوشحالي، معاشي ترقي، علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين جي حوالي سان ٻيون پڻ لا تعداد خدمتون شامل آهن ان حوالي سان وڏي وزير هيٺ ڏنل مڪمل ٿيل اسڪيمن جو افتتاح پڻ ڪري چڪو آهي جن جو مختصر احوال هن ريت آهي:

### مڪمل ٿيل ترقياتي اسڪيمون:

- شهيد محترمه بينظير ڀٽو اوپن ايئر ٿيٽر
- سچل سرمست گورنمينٽ لائبريري خيرپور
- مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي خيرپور

صوبي توڙي خيرپور جي عوام جي علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ثقافت جي صوبائي وزير سسئي پليجو سان گڏ ريڊيو پاڪستان خيرپور ويجهو قائم ڪيل 4 ڪروڙن جي لاڳت سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو اوپن ايئر ٿيٽر جوپڻ پهرين جولاءِ 2009 تي افتتاح ڪري چڪو آهي. جنهن ۾ جولاءِ 2009 جي آخر ۾ ڪجين جي پيداوار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ضلعي حڪومت پاران ٻن ڏينهن وارو ڪجين جو عالمي ميلو پڻ منعقد ڪرايو ويو جنهن جو افتتاح پڻ سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ڪيو. ٻن ڏينهن واري هن ميلي ۾ ڪجين جي مختلف جنسن جي اوپن ايئر ٿيٽر ۾ نمائش ڪئي وئي، جڏهن ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڪجي جي جنس ۽ پيداوار تي تحقيقي سيمينار منعقد ڪرايو ويو. جن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان اسڪالرن پنهنجا ڪجي متعلق تحقيقي مقالا پيش ڪيا.

ان ڪان علاوه علائقي جي عوام معياري تعليم جي فراهمي لاءِ مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي خيرپور جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي جنهن ۾ ڇهن مختلف انجنيئرنگ ٽيڪنالاجيز (سول، مڪينيڪل، اليڪٽريڪل، پيٽروليم ۽ نيچرل گئس انجنيئرنگ شامل آهن) ۾صوبي جي مختلف ضلعن سان واسطو رکندڙ پهرين بئچ ۾220 شاگرد هاسٽل، پوائنٽ بس ۽ ٻين جديد سهولتن سان ملڪ جي اعلىٰ معيار واري اداري جي ڪاليج ۾ بيچلر آف انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ان ڪان سواءِ گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي خيرپور ۾ پيٽروليم ۽ گئس جي حوالي سان هڪ فني تربيتي سينٽر پڻ قائم ڪيو ويو آهي. جڏهن ته علمي، ادبي ۽ تحقيقي سرگرمين کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌ جي وڏي وزير خيرپور ۾ ثقافت کاتي پاران 3 ڪروڙ 90 لک روپين جي لاڳت سان تيار ٿيندڙ سچل سرمست گورنمينٽ لائبريري جو پڻ جنوري 08، 2010 تي افتتاح ڪري چڪو آهي هڪ لک ايڪيهه هزار ڪتابن تي مشتمل، لائبريري جي هن نئين بلڊنگ ۾ اسڪولي ٻارن، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي شاگردن، عورتن، محققن ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي چٽا ڀيٽي جي مختلف مقابلي وارن امتحانن يعني سي ايس ايس / پي سي ايس جي تياري ڪندڙ اميدوارن جي لاءِ جدا جدا سيڪشن جوڙايا ويا آهن. انهي ڪانسواءِ ضلعي اندر مختلف علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پڻ موجوده سنڌ حڪومت مالي سهائتا ڪئي آهي جنهن ۾ گذريل سال ضلعي اندر واقع ملڪ جي مشهور شاعر سچل سرمست جي ميلي لاءِ سنڌ حڪومت پاران 10 لک روپين جي گرانٽ ڏيڻ سان گڏ **"سچل سرمست يادگار ڪاميٽي"** ۽ **"حامي يادگار ڪاميٽي"** جي پڻ وقت سر مالي مدد ڪئي وئي آهي.

ضلعي اندر وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي خيرپور جي عوام جي خوشحالي لاءِ خصوصي پئڪيج ڪانسواءِ صوبي اندر قائم ٿيندڙ ڇهن جديد اسپتالن مان هڪ خيرپور جي عوام کي صحت جون جديد سهولتن جي فراهمي لاءِ 85 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ اسپتال جو تحفو پڻ شامل آهي. هن جديد ٽيچنگ اسپتال جو 54 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان شروع ٿيندڙ ترقياتي ڪم جو وڏي وزير نومبر 29، 2009 تي سنگ بنياد رکي چڪو آهي. 450 بيڊن تي مشتمل هن اسپتال ۾ صحت جي جديد سهولتن جي فراهمي جا 24 شعبا هوندا. اسپتال جي تعمير سان گڏو گڏ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي رهائش لاءِ 150 فليٽس پڻ شامل آهن جڏهن ته هن. ۽ انهي ڪانسواءِ ضلعي اندر هيٺ بيان ڪيل ترقياتي اسڪيمن جي تعميراتي ڪم جي پڻ جلد شروعات ڪئي ويندي.

**شروع ٿيندڙ اسڪيمون:**

- شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ۾ ڪروڙ 37 لک روپين جي لاڳت سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر جو قيام
- 2 ڪروڙ 80 لک روپين جي لاڳت سان شهيد بينظير ڀٽو اسپورٽس ڪامپليڪس جو قيام
- ضلعي اندر تجارتي مرڪز (اڪنامڪ پروسيسنگ زون) جو قيام
- آءِ بي اي سکر جي تعاون سان پبلڪ اسڪول خيرپور جو قيام
- ڪروڙن روپين جي لاڳت سان شهر جي مختلف جڳهن تي آمد و رفت جي سهولت لاءِ روڊ رستن ۽ فلاءِ اوور برِجن جي تعمير
- ڪجين جي پيدوار وڌائڻ لاءِ ڪجور منڊي/ مارڪيٽ، ڪولڊ اسٽوريج ۽ تحقيقي سينٽر جو قيام

- ڪروڙن روپين جي لاڳت سان شهرين کي پيئڻ جي صافي پاڻي جي فراهمي جي اسڪيم
- ان کانسواءِ جديد ڊرينيج سسٽم صفائي ۽ سٽرائي جون اسڪيمون پڻ شامل آهن.

اڪثر ڏٺو اهو ويو آهي تي ڪيترائي سياستدان صرف اليڪشني موسم ۾ ظاهر ٿيندا آهن پر سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جو پنهنجي گونا گون مصروفيتن جي باوجود صوبي جي مختلف شهرن توڙي سندس آبائي ضلعي ۾ عام ماڻهن ، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن کان مسئلن جي معلومات وٺڻ ۽ انهي جي حل سان گڏو گڏ سندن خوشين ۽ غمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مهيني اندر هڪ ٻه دفعا ضرور اچڻ ٿئي ٿو. انهي سلسلي ۾صوبي توڙي ضلعي اندر مختلف وقتن تي مختلف ماڻهن جي وفات تي وڏو وزير وفات ڪندڙ سياسي توڙي سماجي شخصيتن جي وارثن ۽ پوئنرن سان ڏک سور ونڊڻ خاطر پاڻ وڃي تڏي تي پهچي ٿو.

ضلعي جي ترقي لاءِ جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه پنهجي وسئون ڪين گهٽايو آهي اُتي ضلعي مان چونڊيل سياسي شخصيتن وزيرن ۽ خاص طور تي ايم اين اي ۽ چيئر پرسن اين سي ايچ ڊي سيده نفيسه شاهه جيلاني ۽ سنڌ جي ورڪس ۽ سروسز کاتي جي صوبائي وزير منظور حسين وسان ايم اين اي نواب علي خان وسان ۽ ٻيا پارلياماني ميمبر پڻ پوئتي نه هٽيا آهن جن ضلعي جي عوام جي خوشحالي لاءِ سراسري طور تي عوام جي ڀلائي لاءِ هيٺ بيان ڪيل مختلف سيڪٽرس ۾ ڪوششون ورتيون آهن جن ۾:

- صحت ۽ تعليم جي بهتري لاءِ نيون اسپتالون ڪاليج ۽ اسڪول قائم ڪرڻ
- روزگار جي فراهمي لاءِ اهل اميدوارن کي اهليت جي بنياد تي نوڪريون ڏيڻ ،
- مواصلات ۽ آمد رفت جي ذريعن کي بهتر بنائڻ لاءِ نوان روڊ رستا فلاءِ اوور برجون  قائم ڪرڻ ،
- بيروزگارن کي روزگار لائق بنائڻ لاءِ ماهوار 4 کان 7 هزار وظيفي سان تربيتي ڪورس ڪرائڻ
- غريب ۽ هوشيار شاگردن کي معياري تعليم جي فراهمي لاءِ اسڪالرشپس ڏيڻ
- رانديگرن کي همٿي ونرائڻ لاءِ راندين جي ميدانن کي بهتر بنائڻ
- نون تفريحي ماڳن جو قائم ڪرڻ ۽ پراڻن جي حالت بهتر بنائڻ ،
- ضلعي اندر معاشي سرگرمين کي همٿي ونرائڻ لاءِ مختلف معاشي اسڪيمون پڻ شامل آهن.

انهي سلسلي ۾ ايم اين اي سيده نفيسه شاه جي ڪوشش سان وزيراعظم پاڪستان سيد يوسف رضا گيلاني جي خاص هدايتن تي وفاقي حڪومت جي خرچ تي خيرپور جي ممتاز گرائونڊ جي هڪ ڪروڙ 92 لک 71 هزار جي لاڳت سان جڏهن ته 87 لک 29 هزار روپين جي لاڳت سان لقمان هاڪي گرائونڊ جي اپگريڊيشن ڪئي پئي وڃي. انهي کانسواءِ 2 ڪروڙ 80 لک روپين جي لاڳت سان شهيد بينظير ڀٽو اسپورٽس ڪامليس پڻ قائم ڪيو ويندو. جڏهن ته صوبائي وزير ورڪس ۽ سروسز منظور حسين وسان ۽ ايم اين اي نواب علي خان وسان ضلعي ۽ خاص طور تي پنهجي تڪ تعلقي ڪوٽ ڏجي جي عوام لاءِ روڊ گئس پاڻي ۽ ٻين سهولتن لاءِ ڪروڙين روپين جون مختلف اسڪيمن جو وقت به وقت افتتاح توڙي سنگ بنياد رکندا پيا اچن.

---

**رابطي لاءِ ائڊريس** : صاحب خان ڀنڊ ، ضلعي اطلاعات آفيسر خيرپور
فون نمبر آفيس: 9280220  موبائل: 03003070898  اي ميل : diokhp@gmail.com